SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبرVIIمجريه1995
SINDH ACT NO.VII OF 1995
بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1995
THE BADIN DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)

باب پهريون
ابتدائي
PRELIMINARY

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement
2. وصفون
Definition

باب ٻيون
اٿارٽي جي جوڙجڪ ۽ ڪم
CONSTITUTION AND FUNCTIONS OF THE AUTHORITY
3. اٿارٽي ۽ ان جي هيئيت
Authority and its incorporation
4. اٿارٽي جي جوڙجڪ
Constitution of the Authority
5. ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ذميداريون
Appointment and duties of the Director General
6. اٿارٽي جا آفيسر ۽ ٻيو عملو
Officers and others staff of the Authority

7. اٿارٽيءَ جا ڪم
Functions of the Authority
8. اٿارٽيءَ جو اجلاس
Meeting of the Authority
9. ڪاميٽين جي جوڙجڪ
Constitution Committees
10. اختيارن جي سپردگي
Delegation of Powers

باب ٽيون

ماسٽر پروگرام ۽ اسڪيمون

MASTER PROGRAMMES AND SCHEMES

11. ماسٽر پروگرام
Master Programme
12. اسڪيمون
Schemes
13. بي ترتيبي ڪم خلاف روڪٿام
Prevention of haphazard growth
14. عمارت جي تعمير يا ٻيهر تعمير ڪرڻ
Erection or re-erection of building
15. اسڪيمن جا فنڊ
Funds of Scheme

باب چوٿون

ملڪيت جي حاصلات

ACQUISITION OF PROPERTY

16. خريد، ليز، ملڪيت جي ڏي وٺ
Purchase, lease or exchange of property
17. زمين حاصل ڪرڻ
Acquisition of Land

باب پنجون

ماليات

FINANCES

18. اٿارٽيءَ جا فنڊ

Fund of the Authority

19. بجيٽ

Budget

20. حساب ڪتاب رکڻ

Maintenance of Account

باب ڇهون

واٽر سپلاءِ

WATER SUPPLY

21. حڪومتي ايجنسي کي پاڻي جي فراهمي

Supply of water to Government agency

22. رپورٽ

Report

23. رهتن جي وصولي

Recovery of dues

24. ڪارروائي تي پابندي

Jurisdiction barred

25. ضمانت

Indemnity

26. قاعدن ٺاهڻ جو اختيار

Power to make rules

27. ضابطا ٺاهڻ جو اختيار

Power to make regulations

28. منسوخي

Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبرVIIمجريه 1995
SINDH ACT NO.VII OF 1995
بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1995
THE BADIN DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1995

[25 آڪٽوبر 1995]

تمهيد
(Preamble)

هن ايڪٽ جي ذريعي بدين ضلعي ۾ شامل علائقن جي ترقي، بهتري ۽ خوبصورت بڻائڻ لاءِ گنجائش ڪڍي ويندي ۽ ان مقصد جي لاءِ هڪ اختياري جو قيام عمل ۾ آندو ويندو.

جيئن ته اهو ضروري ٿي ويو آهي ته بدين ضلعي ۾

شامل علائقن جي ترقي، بهتري ۽ خوبصورت بڻائڻ لاءِ گنجائش ڪڍي وڃي ۽ ان مقصد جي لاءِ هڪ اختياري جو قيام عمل ۾ آندو وڃي.

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

باب پهريون

ابتدائي

PRELIMINARY

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي بدين ڊيولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو .

(2) هن جي بدين ضلعي ۾ شامل علائقن تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3) هي في الفور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definition

2. هن ايڪٽ ۾ ، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي تيستائين :-

(a) "اٿارٽي" مان مراد بدين ڊيولپمينٽ جنهن کي هيٺين دفعه 3 جي تحت ٺاهيو ويو هجي؛

(b) "چيئرمين" مطلب اٿارٽيءَ جو چيئرمين؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "ڊائريڪٽر جنرل" مطلب اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(e) "ميمبر" مطلب اٿارٽيءَ جو ميمبر؛

(f) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت قاعدن ۽ ضابطن تحت بيان ڪيل ؛

(g) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(h) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

اٿارٽي ۽ ان جي هيئيت

باب -II

اٿارٽي جي جوڙجڪ ۽ ڪم ڪار

Authority and its incorporation

3. (1) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اٿارٽي هوندي، جنهن کي بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) اٿارٽي هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي اختيار سان گڏ ٻنهي قسم جي غير منقوله ۽ منقوله ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ جي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڇاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

اٿارٽي جي جوڙجڪ

Constitution of the Authority

4. (1) اٿارٽي مشتمل هوندي:

(a) پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ وارو وزير يا وڏي وزير پاران نامزد ڪيل ڪو ٻيو وزير. (چيئرمين)

(b) حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر (ميمبر)

(c) ڊائريڪٽر جنرل (ميمبر)

(d) اهڙا ٻيا غير سرڪاري ميمبر جيڪي ٽن کان وڌيڪ نه هوندا ۽ سرڪاري ميمبر جيئن حڪومت طرفان مقرر ڪيا وڃن.

(2) غير سرڪاري ميمبر 3 سالن تائين عهدو رکي سگهندو، جيستائين اهو استعيفيٰ ڏئي يا اڳ ۾ هٽايو وڃي؛ بشرطيڪ اهو غير سرڪاري ميمبر تيستائين نه هٽايو ويندو جيستائين ان کي ٻڌڻ جو موقعو ن فراهم ڪيو وڃي.

(3) غير سرڪاري ميمبر جي عهدي تي اتفاقي خالي آسامي جي صورت ۾ جنهن کي مقرر ڪيو ويندو، ان وٽ اهو عهدو آسامي جي باقي رهيل مدي لاءِ رهندو.

ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ذميداريون

Appointment and duties of the Director General

5. (1) ڊائريڪٽر جنرل حڪومت طرفان طئي ڪيل شرطن ۽ ضابطن جي بنياد تي مقرر ڪيو ويندو.

(2) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ اٿارٽي طرفان ڏنل اختيارن موجب فرض سرانجام ڏيندو.

(3) ڊائريڪٽر جنرل جي ڪنهن سبب جي ڪري غير موجودگي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري پنهنجي فرض سرانجام نه ڏيڻ جي صورت ۾ حڪومت ان جون ذميداريون نپائڻ لاءِ ڊائريڪٽر جنرل طور ڪنهن سرڪاري ميمبر کي نامزد ڪري سگهي ٿي.

اٿارٽي جا آفيسر ۽ ٻيو عملو
Officers and others staff of the Authority

6. ذميدارين کي بهتر نموني سرانجام ڏيڻ لاءِ اٿارٽي چاهي ته طئي ڪيل شرطن ۽ ضابطن موجب ماهرن، ڪنسلٽنٽس ۽ ٻين ملازمن کي مقرر ڪري يا انهن جون خدمتون حاصل ڪري سگهي ٿي.

اٿارٽيءَ جو ڪم
Functions of the Authority

7. حڪومت طرفان ڏنل عام ۽ خاص هدايتن موجب اٿارٽي:

(i) سمورن علائقن جي ترقي، بهتري ۽ آرائش جي ذميدار هوندي.

(ii) اسڪيم بڻائڻ، ان تي عملدرآمد ۽ لاڳو ڪرڻ جي پابند هوندي.

(iii) پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال، ۽ گند ڪچري جي نيڪال، جهڙن عوامي ڪمن جي نگراني، بحالي، ترقي ۽ بهتري لاءِ ڪم ڪندي.

(iv) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ ۽ اختيارن جو استعمال ڪرڻ.

(v) حڪومت طرفان ڏنل ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ.

اٿارٽيءَ جو اجلاس
Meeting of the Authority

8. اٿارٽي طئي ڪيل طريقيڪار ۽ قانون موجب طئي ڪيل وقت ۽ جڳهه تي گڏجاڻي ڪندي؛ بشرطيڪ جيستائين گڏجاڻيءَ جو طريقيڪار طئي ڪيو وڃي، گڏجاڻي چيئرمين جي هدايت موجب ٿيندي.

ڪميٽين جي جوڙجڪ
Constitution Committees

9. اٿارٽي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿي، جهڙوڪ فنانس ڪميٽي، ٽيڪنيڪل ڪميٽي ۽ ايڊوائيزري ڪميٽي.

اختيارن جي

سپردگي
Delegation of Powers

10. اٿارٽي عام يا خاص حڪم تحت پنهنجا ڪي به اختيار، ذميداريون يا ٻيا معاملا چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل يا ڪنهن سرڪاري ميمبر کي سونپي سگهي ٿي.

باب ٽيون

ماسٽر پروگرام ۽ اسڪيمون

MASTER PROGRAMMES AND SCHEMES

ماسٽر پروگرام
Master Programme

اسڪيمون
Schemes

11. اٿارٽي جيترو جلد ٿي سگهي انهن علائقن جي ترقي، بهتري، توسيع ۽ خوبصورتي جي مختلف پروگرامز جي حڪومت کان منظوري وٺڻ لاءِ ماسٽر اسڪين تيار ڪري سگهي ٿي.

12. (1) اٿارٽي ان جي دائره اختيار ۾ ايندڙ علائقي لاءِ طئي ڪيل طريقيڪار موجب خصوصي اسڪيم يا اسڪيمون بڻائيندي.

(2) اٿارٽي طرفان بڻايل سموريون اسڪيمون حڪومت کي منظوري لاءِ اماڻيون ويندیون، سواءِ انهن اسڪيمن جي جن جي ڪٽيل رقم بيان ڪيل حد کان وڌيڪ نه هجي يا جن جي لاءِ حڪومت جي ڪنهن قرض يا گرانٽ جي ضرورت نه هجي.

بي ترتيبي ڪم خلاف روڪٿام
Prevention of haphazard growth

13. اٿارٽي هڪ نوٽيفڪيشن ذريعي پنهنجي دائره اختيار ۾ ايندڙ علائقي ۾ بي ترتيبيءَ سان ڪيل ڪم، حددخلين، غر قانوني تعمير ۽ ڪنهن ڪارروائي کي روڪڻ لاءِ ضروري هدايتون ڏئي سگهي ٿي ۽ اهڙيون شيون ڪري سگهي ٿي، جيڪي ضروري هجن.

عمارت جي تعمير يا ٻيهر تعمير ڪرڻ
Erection or re-erection of building

(2) وقتي طور لاڳو قانون موجب حددخلين کي هٽايو ويندو.

14. (1) ڪو شخص اٿارٽي جي اجازت کانسواءِ ڪنهن عمارت کي تعمير يا ٻيهر تعمير نه ڪندو، نه ئي ان ۾

ڪا ٻاهرين تبديلي آڻي سگهبي، بشمول تعمير ٽيل يا ڪنهن پروجيڪٽ جي ڪنهن حصي جي تعمير يا ٻيهر تعمير لائق حصي جي، اٿارٽي طئي ڪيل طريقيڪار ۽ قانونن موجب منظوري ڏئي سگهي ٿي.

اسڪيمن جا فنڊ
Funds of Scheme

(2) جيڪڏهن ڪو شخص ذيلي دفعه (1) جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڏٺو وڃي ته اٿارٽي ضرورت موجب گنجائشن جي لاڳو ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کڻي سگهي ٿي.

15. (1) اٿارٽي حڪومت جي اڳواٽ رضامندي سان اسڪيمن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ان تي ايندڙ لاڳت لاءِ مختلف وقتن تي فنڊ جمع ڪندي جيڪو مختلف ٽيڪسز ۽ فيس جي مد ۾ جمع ڪيو ويندو.

خريد، ليز، ملڪيت جي ڏي وٺ
Purchase, lease or exchange of property

(2) فيس، ٽيڪس ۽ ٻيا چارجز طئي ڪيل طريقيڪار موجب لاڳو ۽ جمع ڪيا ويندا.

باب چوٿون

ملڪيت جو حصول

ACQUISITION OF PROPERTY

زمين جي حاصل ڪرڻ
Acquisition of Land

16. اٿارٽي منقوله يا غير منقوله ملڪيت جي خريد، ليز، تبديلي يا حصول جي سلسلي ۾ دلچسپي رکندڙ سان معاهدو ڪندي.

17. جڏهن اٿارٽي جي خيال ۾ ڪنهن اسڪيم يا ڪنهن عوامي مقصد لاءِ ضروري زمين کي دفعه 16 تحت حاصل نه ڪري سگهجي ته ان کي حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 تحت حاصل ڪيو ويندو.

اٿارٽيءَ جا فنڊ
Fund of the Authority

باب پنجون

ماليات

FINANCES

18. (1) بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي جي نالي سان هڪ ڏار فنڊ هوندو، جيڪو اٿارٽي جي استعمال لاءِ هوندو.

(2) فنڊ مشتمل هوندو:

(a) حڪومت ۽ لوڪل ڪائونسل طرفان ڏنل گرانٽس

(b) منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت جي خريد و فروخت

(c) هن ايڪٽ تحت حاصل ڪيل سموريون فيس، رسيدون ۽ ٻيون رقمون

(d) اٿارٽي طرفان وصولي لائق ٻيون سموريون رقمون ۽ ورتل سمورا قرض

بجيٽ
Budget

19. هر مالي سال جي آمدني ۽ روانگيءَ لاءِ لڳايل ڪاٿي تي مشتمل هڪ استيٽمينٽ تيار ڪيو ويندو، ۽ ان کي طئي ڪيل طريقيڪار موجب حڪومت کي منظوري لاءِ اماڻيو ويندو.

حساب ڪتاب رکڻ
Maintenance of Account

20. (1) اٿارٽي جا ڪائونٽس طئي ڪيل طريقيڪار موجب سنڀاليا ويندا.

(2) ذيلي دفعه (1) موجب سنڀاليل اڪائونٽس جي جاچ پڙتال اڪائونٽ جنرل ڪندو.

باب ڇهون

پاڻي جي فراهمي

WATER SUPPLY

حڪومتي ايجنسي کي پاڻي جي فراهمي
Supply of water to Government agency

21. اٿارٽي طئي ڪيل شرطن موجب طئي ڪيل قيمت تي پيڻ لائق پاڻي هٿ ڪرڻ ۽ ورهاست جي ذميدار هوندي.

رپورٽ
Report

22. اٿارٽي هر ڪيلنڊر سال جي پڇاڻي تي ان سال ۾ ڪيل سرگرمين جي حوالي سان رپورٽ تيار ڪندي، جيڪا حڪومت کي پيش ڪرائي ويندي.

رهتن جي وصولي
Recovery of dues

23. هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيندي ئي لوڪل ڪائونسل ۽ لوڪل اٿارٽي جا سمورا اختيار ۽ ذميداريون، جن جي مدد سان اسڪيمون جوڙيون ۽ انهن تي عملدرآمد ڪيو وڃي ۽ اٿارٽي جي دائره اختيار ۾ ايندڙ علائقن ۾ ٿيندڙ ڪمن جهڙو پاڻي جي فراهمي، نيڪال وغيره جي نگراني ۽ بحالي جا ڪم اٿارٽي طرفان سرانجام ڏنا ويندا.

ڪارروائي تي پابندي
Jurisdiction barred

24. هن ايڪٽ جي توسط سان اٿارٽي تي واجب الادا رقم يا اٿارٽي طرفان غلط ادا ڪيل رقم کي ليند روينيو جي رهتن طور تي وصول ڪيو ويندو.

ضمانت
Indemnity

25. ڪنهن عدالت وٽ اهو اختيار نه هوندو ته اها هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي خلاف ڪو حڪم جاري رکي يا ڪا ڪارروائي ڪري.

قاعدن ٺاهڻ جو اختيار
Power to make rules

26. هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي سان حڪومت، اٿارٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نه ڪئي ويندي.

ضابطا ٺاهڻ جو اختيار
Power to make regulations

27. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

منسوخي
Repeal

28. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب، اٿارٽي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڇاڻايل اختيارن جي حيثيت سان تعصب ڪرڻ کانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪندا:

(i) گڏجاڻيون ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ ڪاروبار جا معاملا
(ii) اٿارٽي جي عملدارن ۽ عملي جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا

29. بدين ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊيننس، 1995 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.